# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريہ 1986

# SINDH ORDINANCE NO.III OF 1986

# مهراڻ انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي يونيورسٽي (ترميم) آرڊيننس، 1986

# THE MEHRAN ENGINEERING AND TECHNOLOGY UNIVERSITY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1986

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1977 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعہ 2 جي ترميم

Amendment of section 2 of Sindh Act IV of 1977

3. 1977 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعہ 15 جي ترميم

Amendment of section 15 of Sindh Act IV of 1977

4. 1977 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعہ 17 جي ترميم

Amendment of section 17 of Sindh Act IV of 1977

5. 1977 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعہ 26 جي ترميم

Amendment of section 26 of Sindh Act IV of 1977

6. 1977 جي سنڌ ايڪٽ IV ۾ دفعہ 28-A جو اضافو

Insertion of Section 28-A in Sindh Act IV of 1977

# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريہ 1986

# SINDH ORDINANCE NO.III OF 1986

## مهراڻ انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي يونيورسٽي (ترميم) آرڊيننس، 1986

## THE MEHRAN ENGINEERING AND TECHNOLOGY UNIVERSITY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1986

[30 جولائي، 1986]

آرڊيننس جنهن ذريعي مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1977 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1977 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي.

هاڻي، هن ڪري اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري

آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1)جي تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس ٺاهي جاري ڪرڻ فرمايو آهي.

| | |
|---|---|
| مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short title and commencement | 1. (1) هن آرڊيننس کي مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي (ترميم) آرڊيننس، 1986 سڏيو ويندو.<br><br>(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو. |
| 1977 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعہ 2 جي ترميم<br>Amendment of section 2 of Sindh Act IV of 1977 | 2. مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1977 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ چاڙهايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2، جي شق (1) کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:<br><br>"(11) "پرو وائيس چانسيلر" مطلب يونيورسٽي جو پرو وائيس چانسيلر؛". |
| 1977 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعہ 15 جي ترميم | 3. چاڙهايل ايڪٽ جي دفعہ 15 جي ذيلي دفعہ (1) جي شق (i) کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو: |

| | |
|---|---|
| Amendment of section 15 of Sindh Act IV of 1977 | “(i-a) پرو وائيس چانسيلر.”. |
| 1977 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعہ 17 جي ترميم Amendment of section 17 of Sindh Act IV of 1977 | 4. چاڙهايل ايڪٽ جي دفعہ 17 جي ذيلي دفعہ (1) جي شق (i) کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:<br>“(i-a) پرو وائيس چانسيلر.”. |
| 1977 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعہ 26 جي ترميم Amendment of section 26 of Sindh Act IV of 1977 | 5. چاڙهايل ايڪٽ جي دفعہ 26 جي شق (i) کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:<br>“(i-a) پرو وائيس چانسيلر.”. |

| | |
|---|---|
| 1977 جي سنڌ ايڪٽ IV ۾ دفعه 28-A جو اضافو<br>Insertion of Section 28-A in Sindh Act IV of 1977 | 6. چاڙهايل ايڪٽ جي دفعه 28 کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:<br><br>("پرو وائيس چانسيلر) 28-A. (1) چانسيلر وائيس چانسيلر سان مشوري بعد مين ڪيمپس يا اضافي ڪيمپس لاءِ جيڪڏهن ڪو هجي، هڪ پرو وائيس چانسيلر مقرر ڪري سگهي ٿو يا پنهي ڪيمپسز لاءِ گڏيل طور يا ڌار ڌار، اهڙن شرطن ۽ ضابطن تي ۽ اهڙي عرصي لاءِ جيڪو هڪ وقت چار سالن کان وڌيڪ نه هجي جيئن چانسيلر طئي ڪري مقرر ڪري سگهي ٿو.<br><br>(2) جتي هڪ پرو وائيس چانسيلر ذيلي دفعه (1) تحت مقرر ڪيو وڃي ٿو، اهو هن ايڪٽ سان ٽڪراءَ ۾ اچڻ کانسواءِ، وائيس چانسيلر جا اهڙا اختيار ۽ ڪم سرانجام ڏئي سگهي ٿو ۽ اهڙيا ٻيا اختيار ۽ ڪم، ڪيمپس جي سلسلي ۾ جنهن لاءِ کيس مقرر ڪيو ويو آهي، جيئن چانسيلر کيس ڪم سونپي.". |

**نوٽ:- آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**